SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر V مجريه 2011
# SINDH ACT NO.V OF 2011
# سنڌ فشريز (ترميم) ايڪٽ، 2011
# THE SINDH FISHERIES (AMENDMENT) ACT, 2011

## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)
دفعات (Sections)
1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement
2. 1980 جي سنڌ آرڊيننس نمبر III جي ترميم
Amendment of Sindh Ordinance No.III of 1980
3. 1980 جي سنڌ آرڊيننس نمبر III جي دفعه 2 جي ترميم
Amendment of Section 2 of Sindh Ordinance No.III of 1980
4. 1980 جي سنڌ آرڊيننس نمبر III جي دفعه 3 جي ترميم
Amendment of Section 3 of Sindh Ordinance No.III of 1980
5. 1980 جي سنڌ آرڊيننس نمبر III جي دفعه 27 جي ترميم
Amendment of Section 27 of Sindh Ordinance No.III of 1980

# سنڌ ايڪٽ نمبر V مجريه 2011
# SINDH ACT NO.V OF 2011
# سنڌ فشريز (ترميم) ايڪٽ، 2011
# THE SINDH FISHERIES (AMENDMENT) ACT, 2011

[24 فيبروري 2011]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ فشريز آرڊيننس، 1980 ۾

ترميم ڪئي ويندي.

**تمهيد (Preamble)**

جيئن ته سنڌ فشريز آرڊيننس، 1980 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛
ان ڪي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

**مختصر عنوان ۽ شروعات**
**Short title and commencement**

1.(1)هن ايڪٽ کي سنڌ فشريز (ترميم) ايڪٽ، 2011 سڏيو ويندو.
(2)اهو فوري طور لاڳو ٿيندو.

**1980 جي سنڌ آرڊيننس نمبر III جي ترميم**
**Amendment of Sindh Ordinance No.III of 1980**

2.سنڌ فشريز آرڊيننس، 1980 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ چاڙهايل آرڊيننس سڏيو ويندو، سموري آرڊيننس ۾، لفظ "سند" لاءِ لفظ "سنڌ" متبادل هوندو.

**1980 جي سنڌ آرڊيننس نمبر III جي دفعه 2 جي ترميم**
**Amendment of Section 2 of Sindh Ordinance No.III of 1980**

3.چاڙهايل آرڊيننس جي دفعه 2 ۾:
(i)شق (c) کانپوءِ هيٺيون اضافو ڪيو ويندو:
"(c-i)"مهاڻو" مطلب اهو ماڻهو جنهن جو سمورو گذر سفر سمورن پبلڪ واٽر باڊيز مان مڇي مارڻ تي هجي ۽ جنهن جو بنيادي ڪمائي جو ذريعي اهڙي مڇي وڪڻ مان حاصل ڪيل ڪمائي تي هجي؛"؛
(ii)شق (g) ۾، لفظ "ڪئنال" کانپوءِ لفظ "۽ ٻيا سمورا مڇي مارڻ جا واٽر باڊيز" شامل ڪيا ويندا؛"؛
(iii)شق (i) کي ختم ڪيو ويندو.

**1980 جي سنڌ آرڊيننس نمبر III جي دفعه 3 جي ترميم**
**Amendment of Section 3 of Sindh Ordinance**

4.چاڙهايل آرڊيننس ۾، دفعه 3 لاءِ هيٺين ريت متبادل هوندو:
"3.مڇي مارڻ ۽ مڇي جي واپار لاءِ لائسنسز جاري ڪرڻ جو اختيار. (1)حڪومت عام يا خاص حڪم ذريعي ڪن عوامي پاڻين ۾ اهڙين شرطن ۽ ضابطن تحت ۽ اهڙي فيس جي ادائگي تي جيئن بيان ڪيو ويو هجي، مڇي مارڻ لاءِ لائسنس جاري ڪري سگهي ٿي.
(2)هن دفعه جي شروعات کان اڳ منظور ڪيل سموريون ليزز رد ٿي وينديون.

| | |
|---|---|
| No.III of 1980<br>1980 جي سنڌ آرڊيننس نمبر III جي دفعه 27 جي ترميم<br>Amendment of Section 27 of Sindh Ordinance No.III of 1980 | 5.چاڙهايل آرڊيننس جي دفعه 27 جي ذيلي دفعه (2) جي شق (o) کي ختم ڪيو ويندو.<br><br>**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.** |